SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريه 2013

# SINDH ACT NO.XXVII OF 2013

# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2013

# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 2013

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXIV جي دفعه 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of West Pakistan Act number XXIV of 1964

3. 1964 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XXIV جي ڇهين شيڊول جي ترميم
Amendment of sixth schedule of West Pakistan Act number XXIV of 1964

# سنڌ ايڪٽ نمبر XXVII مجريہ 2013
# SINDH ACT NO.XXVII OF 2013
# سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ACT, 2013

[26 مارچ 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيل عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات (ترميم) ايڪٽ، 2013 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ نمبر XXIV جي دفعہ 13 جي ترميم
Amendment of section 13 of West Pakistan Act number

2. سنڌ ماليات ايڪٽ، 1964 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 13 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"13. (1) اپريل 2013 جي پهرين ڏينهن کان پنجين شيڊول ۾ ڄاڻايل توانائي جي استعمال تي سواءِ فراهمي ۽ جوڙجڪ جي نقصان جي هڪ توانائي جي ڊيوٽي لڳائي ۽ حڪومت کي ادا ڪئي ويندي:

بشرطيڪ ڇهين شيڊول ۾ ڄاڻايل صارفين تي ڄاڻايل حد

XXIV of 1964

ڪانسواءِ توانائي جي استعمال تي اليڪٽريسٽي ڊيوٽي واجب الادا نہ هوندي:

وضاحت: هن دفعہ ۾، جيستائين ڪجھ مفهوم ۾ مضمون جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "صارف" مطلب اهو شخص سواءِ ورڇ ڪندڙ لائسنسي جي، جنهن کي توانائي لائسنس ذريعي فراهم ڪئي ويندي هجي؛

(b) "توانائي" مطلب بجليءَ جي توانائي جڏهن اها پيدا ڪئي، فراهم ڪئي يا استعمال ڪئي پئي وڃي، سواءِ پيغام پهچائڻ واري ڪنهن مقصد جي؛

(c) "لائسنسي" مطلب اهو شخص يا ڪمپني جنهن کي دفعہ 21 يا ريگيوليشن آف جنريشن، ٽرانسميشن اينڊ ڊسٽريبيوشن آف اليڪٽرڪ پاور ايڪٽ، 1997 (1997 جو ايڪٽ XL) تحت توانائي جي فراهمي لاءِ لائسنس ڏنل هجي؛

(d) "نان لائسنسي" مطلب اهو شخص يا ڪمپني، سواءِ لائسنسي جي، جيڪو پنهنجي ذاتي استعمال يا واهپي لاءِ توانائي پيدا ڪندو هجي.

(2) هر ڪو لائسنس رکندڙ بجليءَ ڪپائڻ جي سرڪاري لائسنسي طور ضروري واجبات پيارڻ جي لاءِ بجلي ڊيوٽي جو اهڙيءَ ريت ڪاٽو ڪندو ۽ بجلي جي بل ۾ الڳ تفصيل جاٽائيندو، پوءِ اهو شيڊول بئنڪن يا پوسٽ آفيسن يا بل وٺندڙ ٻين ايجنسين ذريعي پيارينداو ۽ اهو ڊيوٽي جي قيمت جي ڪاٽي لڳائڻ واري خرچ جو سيڪڙي مطابق واپس وٺڻ

جو حقدار هوندو. جيڪو حڪومت سرڪاري هيڊ اڪائونٽ ۾ بجلي ڊيوٽي واري رقم جمع ڪرائڻ تي طئي ڪندي.

(3) شيڊول بئنڪون، پوسٽ آفيسون ۽ ٻيون بل وٺندڙ ايجنسيون بجليءَ جي ڊيوٽي جو رقم اوڳاڙينديون. ماهوار بل سان گڏ ڏار اسم جي صورت ۾ ۽ ساڳيو قومي خزاني ۾ جاٽايل هيڊ آف اڪائونٽ ۾ جمع ڪنديون ۽ خزاني جي رسيد لاڳاپيل بجليءَ جي انسپيڪٽر کي هر مهيني جي 15هين تاريخ کان اڳ فراهم ڪنديون.

(4) لائسنس نہ رکندڙ بجليءَ جي ڊيوٽي حڪومت طرفان بجليءَ جي استعمال تي مقرر ڪيل اگهہ جي حساب سان نيشنل ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ۾ هر مهيني جي 5 تاريخ تائين جمع ڪرائيندو ۽ جمع ڪرايل چالان جو نقل بجليءَ جي انسپيڪٽر کي جمع ڪرائيندو.

(5) (a) جتي ڪو بجلي کپائيندڙ لائسنسي ناڪام ٿو وڃي يا بجلي ڊيوٽي جي رقم پرڻ هن کان نظرانداز ٿئي ٿي، تہ بجلي ڊيوٽي جي رقم سان گڏ ڏنڊ بہ هن کان ورتو ويندو. اهڙيءَ طرح جيئن سنڌ گورنمينٽ ڊيوٽيز رڪوري آرڊيننس، 1962 جي لينڊ روينيو جي دفعہ 3 مطابق هوندو ۽ لائسنسي هن کي توانائي فراهم ڪرڻ روڪي ڇڏيندو ۽ اليڪٽريسٽي ايڪٽ نمبر، 1910 جي دفعہ 24 جي ذيلي دفعہ (1) مطابق بجلي پهچائڻ بابت رهت واپس وٺڻ لاءِ پنهنجا اختيار استعمال ڪندو. تان جو انهيءَ لاءِ بجلي کپائيندڙ جي ملڪيت بہ وڪرو ڪري سگهندو.

(b) جتي ڪو لائسنس نہ رکندڙ ليڪن لائسنسي جي صارف

ڪانسواءِ جي بجلي ڊيوٽي جي رقم ادا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا نظرانداز ڪري ٿو، جيڪو مٿس واجب الادا آهي تہ بجلي ڊيوٽي جي رقم ڏنڊ سان گڏ سنڌ گورنمينٽ ريڪوري آرڊيننس، 1962 جي دفعہ 3 تحت ليند روينيو جي رهتن جي مد ۾ وصولي لائق هوندا ۽ بجلي جو انسپيڪٽر بجلي توانائي پيداوار کان منع ڪري سگهي ٿو ۽ بجلي پيدا ڪندڙ سيٽ بجلي ڊيوٽي جي وصولي تائين سيل ڪري سگهي ٿو.

1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ نمبر XXIV جي ڇهين شيڊول جي ترميم
Amendment of sixth schedule of West Pakistan Act number XXIV of 1964

3. چاٽايل ايڪٽ ۾، ڇهين شيڊول لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

**"ڇهون شيڊول"**

ڇوٽ:

(i) وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون، رهائشي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ احاطن تي؛

(ii) مڪاني حڪومتون فقط پبلڪ لائيٽنگ جي سلسلي ۾؛

(iii) مسجدون، گرجا گهر ۽ ٻيون عبادت جون جڳهون؛

(iv) سمورا گهريلو صارفين جيڪي هڪ مهيني ۾ 20 يونٽ کان وڌيڪ استعمال نہ ڪندا هجن؛

(v) پلانٽس طرفان پيدا ڪيل توانائي جن جي صلاحيت 2 ڪلو واٽس کان وڌيڪ نہ هجي؛

(vi) سامونڊي سفر يا جزيري تي وڃڻ لاءِ ٻيڙيون."

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ**

**آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**